# ڪارن ڪڪرن ۾ چانديءَ جي ليڪ

چوندا آهن تہ هر ڪاري ڪڪر جي پڇاڙيءَ ۾ چانديءَ جهڙي اجري ڪناري هوندي آهي; سنڌي هلچل جي حوالي ۾ بہ ائين چوڻ ۽ سوچڻ غلط نہ ٿيندو. اڄ هڪ طرف سنڌي ٻولي، ساهتيہ ۽ تعليم جو واهپو گهٽجي رهيو آهي تہ ٻئي طرف پنهنجي سنسڪرتيءَ جي طرف سجاڳي بہ وڌي رهي آهي. نئين پيڙهيءَ ۾ ڏيري ڏيري پاڻ سڃاڻڻ جي پاونا جاڳي رهي آهي. اها ڳالهہ جيتوڻيڪ اهڙي صاف ۽ چٽي نظر نٿي اچي مگر ان جا اهڃاڻ چڱيءَ طرح سان ڏسي سگهجن ٿا. مثال طور اڳ ۾ نوجوان پاڻ کي سنڌي سڏائڻ ۾ شرم محسوس ڪندا هئا ۽ پنهنجي سڃاڻپ لڪائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا مگر هاڻي هنن مان اها احساس ڪمتري گهٽجي رهي آهي. ان جو هڪ ثبوت اهو بہ آهي تہ جن ۾ آکهہ سڏائڻ جو رواج ڪونہ هو اهي بہ هاڻي پنهنجي پيءُ ڏاڏي جي نالي ۾ ''آڻي'' جوڙي پنهنجي سنڌي هئڻ جو ثبوت ڏيئي رهيا آهن. اڪل پارت سطح جا اهي سنڌي نيتا جيڪي اڳ ۾ سنڌي سڏائڻ کان ونئن ويندا هئا اهي بہ هاڻي پاڻ کي عام پبلڪ ۾ سنڌي سڏائڻ ۾ شرم محسوس نٿا ڪن. ڪي تہ پارليامينٽ ۾ سنڌيءَ ۾ قسم کڻي سنڌي سماج سان پنهنجي واسطيداري ظاهر ڪرڻ ۾ فخر جو احساس ٿا ڪن.

هندستان ۾ هزارين جاتيون، هزارن سالن کان هڪ ٻئي سان گڏجي - مسجي رهي رهيون آهن پر ڪائي بہ جاتي ٻيءَ جاتيءَ ۾ ملي هڪ ٿيڻ جي ڪوشش نٿي ڪري. سنڌي بہ اها ڳالهہ ڏيري ڏيري سمجهي رهيا آهن،

ان ڪري اڄ ڪلهہ نندي ۾ نندي ڳوٺ اندر، جتي سنڌين جا ڪي ٿورا ٻہ گهر آهن اتي ٻہ چيٽي چند ملهائڻ جي ريت شروع ٿي آهي ۽ سنڌي ٻولي، ساهتيہ ۽ سنسڪرتيءَ جي واڌاري لاءِ ڪا نہ ڪا سنسٿا نهي ويئي آهي.

تنهن ڪري سنڌيءَ جو آئينده بلڪل اونداهو نہ آهي. البت سنڌي سرگرمين جي اهڙي رچنا ڪري سگهجي ٿي ۽ انهن کي اهڙي دشا ڏيئي سگهجي ٿي جو سنڌي جاتيءَ جي سانسڪرتڪ ورثي جي محفوظ رهڻ بابت وڏيڪ آشاوان ٿي سگهجي. انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ان جو هڪ اُتم مثال آهي.